شهيد

مخدوم بلال سمون

ليکڪ

ڄام ارمان پليجو تاجاڻي

ڪمپوزنگ

سليم احمد سمون

ڪتاب جو تعارف.

هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ جي هڪ اهم ۽ اثرائتي باب کي پيش ڪري ٿو جنهن ۾ شهيد مخدوم بلال سمون ۽ بلالي تحريڪ جي فڪر جدوجهد ۽ قربانين جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. هي رڳو هڪ شخصيت جو بيان نه پر هڪ اهڙي دور جي عڪاسي آهي جتي سچ ۽ ڪوڙ حق ۽ باطل فڪر ۽ گمراهي وچ ۾ ٽڪراءُ جاري هو. هن ڪتاب ۾ مخدوم بلال جي علمي عظمت روحاني حيثيت ۽ قومي شعور کي اجاگر ڪيو ويو آهي جن پنهنجي وقت ۾ نه صرف ديني ميدان ۾ پر سماجي ۽ قومي سطح تي به اهم ڪردار ادا ڪيو. سندن جدوجهد هڪ اهڙي تحريڪ جي صورت اختيار ڪئي جنهن جو بنياد سچائي وفاداري ۽ ثابت قدمي تي رکيل هو. ڪتاب ۾ ان دور جي سياسي ۽ مذهبي حالتن جو به جائزو پيش ڪيو ويو آهي جتي مختلف فڪري تحريڪن جي وچ ۾ مقابلو هو. ان سلسلي ۾ بلالي تحريڪ جو ڪردار هڪ مضبوط مزاحمتي آواز طور سامهون اچي ٿو جنهن نه صرف فڪري وضاحت پيدا ڪئي پر ماڻهن ۾ سجاڳي پڻ آندي. هي ڪتاب تحقيق تاريخي حوالن ۽ روايتي بيانن جي روشني ۾ تيار ڪيو ويو آهي جيئن پڙهندڙ کي هڪ واضح مربوط ۽ حقيقتن تي ٻڌل تصوير ملي سگهي. هن ۾ نه صرف واقعا بيان ڪيا ويا آهن پر انهن مان نڪرندڙ نتيجن ۽ سبقن کي به نمايان ڪيو ويو آهي. مختصر طور هي ڪتاب انهن سڀني لاءِ هڪ اهم ماخذ آهي جيڪي سنڌ جي تاريخ صوفي تحريڪن ۽ فڪري جدوجهد کي سمجهڻ چاهين ٿا. اهو پڙهندڙ کي سوچڻ سمجهڻ ۽ حقيقتن کي پرکڻ جي دعوت ڏئي ٿي.

بلالي تحريڪ

شهيد مخدوم بلال سمون 1451ع – 1522ع سنڌ جي سرزمين جو اهو نالو آهي جيڪو صرف روحانيت تائين محدود نه رهيو پر حق سچ ۽ ڌرتي جي دفاع لاءِ عملي جدوجهد جو نشان بڻيو. پاڻ سمان خاندان سان لاڳاپيل هئا جيڪي پنهنجي وقت ۾ اقتدار عزت ۽ اثر رسوخ جو مرڪز هيا. ٽلٽي باغبان دادوءِ واري قبر اصل ۾ مخدوم نوح جي پاءِ مخدوم بلاول جي آهي جيڪو حيدر سنائيءَ جو مرشد هيو. مخدوم بلال ۽ مخدوم بلاول ٻه الڳ شخصيتون آهن. مخدوم بلال اصل سمون شهيد آهي ۽ مخدوم بلاول مخدوم نوح جو پاءِ هيو جيڪو پڙ مهدوي لڏي سان لاڳاپيل هيو. ٺٽي مڪليءَ واري قبر جيڪا اڄ به سندن مزار سندن ڪردار جي شاهدي ڏئي ٿي.

مخدوم بلال ۽

مخدوم بلاول

ٻه الڳ شخصيتون آهن

مخدوم بلال اصل سمون شهيد آهي ۽ مخدوم بلاول مخدوم نوح جو ڀاءُ هيو اصل مخدوم بلال مڪلي سمن جي قبرستان ۾ دفن آهي ۽ نقلي دادو ۾ آهي. اصل قبر ڄام نظام الدين ۽ شيخ حماد جمالي جي مقبري جي پر ۾ آهي هن وقت شيخ صاحب جو مدرسو ڈاهيو ويو آهي. مدرسي جي بلڪل پر ۾ اولهه طرف مخدوم صاحب جي ڪچي قبر آهي جيڪا حماد جمالي جي مقبري ڪرڻ سبب انهن پٿر جي بلڪل هيٺيان آهي. مخدوم بلال علم فقہ ۽ حديث ۾ وڏي حيثيت رکندڙ هئا سمان دور ۾ قاضي القضات جي حيثيت سان فيصلا ڪندا هئا جتي سندن علمي وزن ۽ انصاف پسندي تسليم ٿيل هئي نٿي سميت باغبان ٿلٽيءَ ۾ ٻه سندس درسگاهه هئي جتان ڪيس گرفتار ڪري ننگر نٿي آندو ويو ۽ ڪيس لوهي گهاڻي ۾ پيڙي شهيد ڪيو ويو پر ڪجه روايتن ۾ مخدوم بلال کي زنده دفن ڪيو ويو. سندن درسگاهون رڳو تعليم جو هنڌ نه پر هڪ فڪري مرڪز هيون جتان سچ شعور ۽ سچائي جي روشني پکڙبي هئي. سندن شاگرد سنڌ تائين محدود نه هئا پر عرب يمن ۽ بغداد تائين سندن شهرت پهتل هئي. ان دور ۾ جڏهن ميان سيد محمد جونپوري لعل شهباز قلندر مير هندي مهدي هجڻ جي دعويٰ سان سنڌ ۾ داخل ٿيو تڏهن هن ڌرتي تي فڪري انتشار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سيوهڻ نٽي ۽ ٻين علائقن ۾ سندس سرگرميون عام ماڻهن کي گمراهي طرف وٺي وڃي رهيون هيون. پر مخدوم بلال اهڙو شخص نه هو جيڪو خاموش رهي. هن کلئي نموني ان دعويٰ جي مخالفت ڪئي چو ته ڪوڙي دعويٰ دين جي نالي ۾ سماج لاءِ زهر کان گهٽ ناهي. چيو وڃي ٿو ته جونپوري پنهنجي ڪرامتن جا قصا

ٻڌائي ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هيو ڪڏهن قلندرن جي نالي تي ڪڏهن روحانيت جي پردي هيٺ. ڪڏهن خونخوار باز ٿي اڏامڻ ته ڪڏهن گوشت خور شينهن بڻجي ماڻهن کي ڏيڇارڻ يا وري حيدري ڏنڊي سان سيوهڻ جو قلعو اونڌو ڪرڻ. پر حقيقت اها هئي ته اهي سڀ ڳالهيون ماڻهن کي سچ کان پري ڪرڻ لاءِ هيون مخدوم بلال ۽ سندس ساٿين اهڙين ڳالهين کي قبول ڪرڻ بدران انهن جي اصل حقيقت سامهون آندي. سنڌ جي حڪمرانن خاص ڪري ڄام نظام الدين ۽ ڄام فيروز به هن خطري کي محسوس ڪيو جونپوريءِ کي صاف لفظن ۾ چيو ويو ته سنڌ ۾ اهڙي ڪوڙي دعويٰ قبول نه ٿيندي. جڏهن حالتون وڌيون تڏهن سندس ساٿين سان گڏ ڪيس سنڌ مان ڪڍيو ويو. ڪجهه هنڌن تي مقابلا به ٿيا جتي بلاولي تحريڪ جا ماڻهو اڳيان بيٺل نظر آيا. ان وقت جڏهن ارغونن ۽ ٻين ڌارين قوتن سنڌ تي حملا ڪيا تڏهن به مخدوم بلال پوئتي نه هٽيو. هن پنهنجي تحريڪ کي صرف مذهبي حدن ۾ نه رکيو پر ان کي قومي دفاع جو حصو بڻايو. سندس ساٿين دشمن قوتن سان مقابلو ڪيو ۽ ڪيترن ئي محاذن تي بهادري ڏيکاري. پر هر دور ۾ سچ ڳالهائڻ وارن کي نشانو بڻايو ويندو آهي. اهڙي ئي ريت مخدوم بلال خلاف به سازش تيار ڪئي وئي. مهديت جا پوئلڳ ۽ ڌاريون طاقتون گڏ ٿي ويون کين بيعت لاءِ مجبور ڪيو ويو پر هن صاف انڪار ڪيو. هن اهو ثابت ڪيو ته جان وڃائڻ قبول آهي پر ڪوڙي ڳالهه اڳيان جهڪڻ قبول ناهي. آخرڪار هن عظيم شخصيت کي گرفتار ڪري بي دردي سان لوهي گهاڻي ۾ پيڙي شهيد ڪيو ويو. سندن شهادت ڪو عام واقعو نه پر هڪ سوچ هڪ مزاحمت ۽ هڪ سچ جي قيمت هئي. سندن رت هن ڌرتي تي اهو پيغام ڇڏي ويو ته ڪوڙ ڪيترو به زور لڳائي سچ کي ماري نٿو سگهي. سندن شهادت کان پوءِ به بلالي تحريڪ ختم نه ٿي. مخدوم بلال سمون جا ڪيترائي شاگرد ۽ ساٿي هئا جن سندن فڪر ۽

تحريڪ کي اڳتي وڌايو. تاريخي روايتن ۾ ڪجهه اهم نالا هن ريت ملن ٿا. مخدوم شيخ پرڪيو جيڪو سندن ويجهن ۽ بااثر شاگردن مان هو ۽ تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. شيخ منو تاجاڻي جنهن ننگر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ بلالي تحريڪ جو پيغام عام ڪيو. مخدوم اجو تاجو تاجاڻي جيڪو پڻ سندن ساٿين مان هو ۽ سندس اثر جنگشاهي ۽ آس پاس تائين رهيو. مخدوم درساڻي جنهن لاڙ واري علائقي ۾ ماڻهن تائين تعليم ۽ پيغام پهچايو. مخدوم هنگورو جنهن جو حلقو سهتا ۽ نوشهرو فيروز جي علائقن تائين پکڙيل هو. مخدوم سعد عرف ساند جنهن بلاولي فڪر کي سنڌ کان ٻاهر به پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. شيخ حماد جمالي جيڪو هڪ درويش صفت انسان هيو ان جو اثر ٺٽي ۽ پرپاسي رهيو. ۽ ڪيترائي ٻيا شاگرد هن مشن کي اڳتي وڌائيندا رهيا. سنڌ جي مختلف علائقن ۾ هن تحريڪ جو اثر جاري رهيو ۽ ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ٿيندي رهي. اڄ به جيڪڏهن تاريخ کي غور سان ڏٺو وڃي ته اهو صاف نظر اچي ٿو ته ڪي ماڻهو دين جي نالي تي ڪوڙيون دعوائون ڪٽي عوام کي گمراهه ڪندا رهيا آهن. پراڻن ڪوڙن کي نون نالن سان پيش ڪري درگاهن ۽ خانقاهن جي صورت ۾ ماڻهن کي ڌوکو ڏنو ويو آهي. پر حقيقت هميشه واضح رهي آهي ته سچو دين ڪنهن هڪ ماڻهو جي دعويٰ سان تبديل نٿو ٿئي. مخدوم بلال جي زندگي ۽ شهادت اهو سبق ڏئي ٿي ته علم سان گڏ جرئت ۽ ايمان سان گڏ ثابت قدمي ضروري آهي. جيڪو شخص سچ لاءِ بيهي ٿو اهو وقتي طور دٻجي سگهي ٿو پر ختم نٿو ٿي سگهي.

📘مخدوم بلال چمڙ کان شهادت تائين

مخدوم بلال چام حسن سمون جو پٽ هو ۽ 1451ع / 856ھ ۾ سنڌ جي ٺٽي واري علائقي ۾ ڄائو ۽ سندس تعلق سمان شاهي گهراڻي سان هيو. بلال ننڍپڻ کان قرآن حديث تفسير ۽ فقه جو گهرو مطالعو ڪيو ۽ جلد ئي سنڌ ۾ هڪ عظيم عالم صوفي فقيهه ۽ محدث جي حيثيت سان مشهور ٿي هن زندگيءَ ۾ ڏارين حملن ظلم ۽ بي دادي عدالت خلاف آواز اٿاريو ۽ ماڻهن کي دين امن اتحاد ۽ حق جي حفاظت جو درس ڏنو. مخدوم بلال جي گفتگو ۽ تعليم ماڻهن ۾ طاقت حوصلو ۽ اميد پيدا ڪندي رهي. جيئن جيئن ارغون جا فوجي سنڌ تي قبضو ڪرڻ لڳا مخدوم بلال پنهنجي ماڻهن کي جماعت اتحاد ۽ مزاحمت لاءِ تيار ڪيو. ارغون فوج ۽ انهن جي مددگار درٻاري طاقتورن هن کي خطرناڪ قرار ڏنو ۽ مخالف قوتون طاقتور حڪمرانن ۾ پنهنجو اثر وڌائڻ لڳيون. ان دوران سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهم واقعو پيش آيو جيڪو ٺلٽي جي علائقائي جنگ جي نالي سان مشهور آهي. هي جنگ 927ھ / 1521ع ۾ ٿي جتي مخدوم بلال ۽ سندس ساٿي ارغون فوجين جي مقابلي ۾ ٿورا هيا ارغونن جي فوج جي طاقت ۽ تعداد وڌيڪ هجڻ سبب مزاحمت ۾ ڪاميابي نه ملي. ارغونن جي قبضي کان پوءِ مخدوم بلال کي گرفتار ڪيو ويو. مخالفن زور پري بيان ڪيو ته هن قرآن پاڪ سان بيحرمتي ڪئي آهي. ۽ اها ڳالھ غلط ۽ بي بنياد الزام طور پيش ڪئي وئي هئي ته جيئن ارغون سنڌ ڌرتيء تي مضبوط نموني پير کوڙي سگهن ۽ رڪاوٽون ختم ٿيبديون وڃن. انهن الزامن جي بنياد تي ارغون حڪومت ۽ درٻاري علمائن جو دٻاءُ وڌيو ته بلال خلاف سخت فيصلو ڪيو وڃي. ان نتيجي ۾ ارغون حڪومت جي حڪم سان جن تي شاھ بيگ ارغون جو قدرو زور هو مخدوم بلال خلاف سخت سزا جو حڪم جاري ٿيو. هن سزا ۾ ڪيس لوهي گهاڻي ۾ زنده پيڙائڻ جو فيصلو ڪيو ويو . جيڪا هڪ انتهائي دردناڪ سزا هئي.

هيء سزا 30 صفر 929ھ / 1522ع تي نافذ ڪئي وئي ۽ مخدوم بلال شهيد ٿيو. سندس شهادت هڪ وڏي ظلم ۽ ڪنهن غلط طاقت جي غلط استعمال ۽ سياسي سازشن جي نتيجي ۾ عمل ۾ آئي اڄ به مخدوم بلال جي مزار مڪلي / ٺٽو سنڌ ۾ موجود آهي. ۽ سندس تعليمات قرباني ۽ ثابت قدمي سنڌي سماج ۾ هڪ روشن ۽ هميشه يادگار نشان بڻيل آهن.

مخدوم بلال سمون جون چوند ڳالهيون

مخدوم بلال سمون جي شخصيت رڳو هڪ صوفي بزرگ تائين محدود نه هئي پر هو علم جرئت ۽ سچائي جو هڪ مڪمل نمونو هئا. سندن زندگيءَ مان ڪيترائي اهڙا پهلو ملن ٿا. جيڪي هر دور لاءِ رهنمائي جو سرچشمو بڻجي سگهن ٿا. مخدوم بلال علم کي سڀ کان وڏي طاقت سمجهندا هئا. سندن درسگاهه ۾ رڳو مذهبي تعليم نه پر فڪر شعور ۽ سچ جي سڃاڻپ به سيکاري ويندي هئي. هو پنهنجي شاگردن کي انڌي پيروي بدران سوچڻ ۽ سمجهڻ جي تلقين ڪندا هئا. سندن طبيعت ۾ بيحد سادگي هئي. وڏو عهدو هجڻ باوجود هنن ڪڏهن به غرور يا تڪبر کي پنهنجي ويجهو نه اچڻ ڏنو. عام ماڻهن سان ويهي ڳالهائڻ انهن جا مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ سندن عادت ۽ عبادت هئي. مخدوم بلال سچ ڳالهائڻ ۾ ڪنهن به دٻاءَ کي قبول نه ڪندا هئا. جڏهن به ڪو غلط خيال يا ڪوڙي دعويٰ سامهون آئي هن ان جي کلي مخالفت ڪئي. سندن نظر ۾ خاموش رهڻ به هڪ قسم جي ڪمزوري هئي. سندن اندر حب الوطنيء جو جذبو تمام مضبوط هو. هو پنهنجي ڌرتي ماڻهن ۽ سماج سان سچي محبت رکندا هئا. جڏهن به ڌارين خطرن يا فڪري حملن جو وقت آيو ته هن رڳو ڳالهين تائين محدود نه رهيا پر عملي قدم کنيا. مخدوم بلال پنهنجي شاگردن کي وفاداري ۽ قرباني جو درس ڏيندا هئا. هنن سيکاريو ته جيڪو سچ جي راهه اختيار ڪري ان کي آزمائشن لاءِ تيار رهڻ گهرجي. سندن نظر ۾ اصل ڪاميابي اصولن تي قائم رهڻ ۾ هئي نه ڪي عارضي فائدي ۾. سندن زندگي جو سڀ کان وڏو پهلو استقامت هيو. جڏهن ڪين مجبور ڪيو ويو ته هو پنهنجي موقف تان هٽي وڃن تڏهن به هن

انڪار ڪيو. هن ثابت ڪيو ته سچو انسان پنهنجي اصولن تي سودو نٿو ڪري پلي ان جي قيمت جان ئي ڇو نه هجي. مخدوم بلال جي مجلس ۾ اخلاق کي وڏي اهميت حاصل هئي. هو نرم لهجي صاف دل ۽ سچي نيت کي انسان جي اصل سڃاڻپ سمجهندا هئا. سندن ويجهو رهندڙ ماڻهو نه رڳو علم حاصل ڪندا هئا پر پنهنجي ڪردار کي به سنواريندا هئا. سندن شخصيت ۾ روحانيت ۽ عملي زندگي جو حسين ميل نظر اچي ٿو. هو عبادت سان گڏ سماجي ذميوارين کي به اهميت ڏيندا هئا جنهن ڪري سندن اثر رڳو خانقاهن تائين محدود نه رهيو پر سماج ۾ به محسوس ڪيو ويو. مخدوم بلال جو نالو اڄ به ان ڪري زنده آهي جو هنن سچ علم ۽ جرئت کي گڏ ڪٽي هلڻ جو عملي نمونو پيش ڪيو. سندن زندگي اهو سيکاري ٿي ته جيڪو شخص سچ تي بيهي ٿو اهو وقت کان اڳتي نڪري وڃي ٿي.

سنڌ ۾ علم ۽ روحانيت جي روايت

سنڌ جي سرزمين صدين کان علم فڪر ۽ روحانيت جو مرڪز رهي آهي. هن ڌرتيءَ تي اهڙا ڪيترائي عالم صوفي ۽ مفڪر پيدا ٿيا جن پنهنجي علم ۽ ڪردار سان سماج کي سڌاري ۽ سجاڳي ڏني. انهن بزرگن جو مقصد رڳو عبادت تائين محدود نه رهيو پر ماڻهن جي اخلاقي سماجي ۽ فڪري تربيت به رهيو. سنڌ ۾ علم جي روايت مدرسن خانقاهن ۽ علمي مجلسن ذريعي اڳتي وڌندي رهي. اهي مرڪز رڳو تعليم جا هنڌ نه هئا پر فڪر جي آزادي سوال ڪرڻ ۽ حقيقت کي سمجهڻ جا به وسيلا هئا. هتي شاگردن کي رڳو ڪتابي علم نه پر زندگيءَ کي سمجهڻ جو شعور پڻ ڏنو ويندو هو. روحانيت سنڌي سماج جو هڪ اهم حصو رهي آهي. هتي جي صوفي بزرگن محبت برداشت ۽ انسانيت جو پيغام ڏنو. انهن ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آندو ۽ نفرتن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن تعليمات ۾ سچائي عاجزي ۽ خدمت کي وڏي اهميت حاصل هئي. وقت سان گڏ مختلف دورن ۾ چيلينج به سامهون آيا پر سنڌ جي علمي ۽ روحاني روايت انهن حالتن ۾ به پنهنجو وجود برقرار رکيو. هن روايت ماڻهن کي هميشه اهو سيکاريو ته علم سان گڏ اخلاق ۽ عمل ضروري آهن. اڄ به جيڪڏهن سنڌ جي تاريخ جو جائزو وٺجي ته صاف نظر اچي ٿو ته علم ۽ روحانيت هن سماج جي بنيادي سجاڳ رهيا آهن. اهي ئي عنصر آهن جيڪي سماج کي زنده ۽ متحرڪ رکن ٿا.

سنڌ جي تاريخي جدوجهد .

سنڌ جي تاريخ رڳو حڪمرانن ۽ سلطنتن جي ڪهاڻي نه پر اها جدوجهد مزاحمت ۽ سڃاڻپ جي به تاريخ آهي. هن ڌرتيءَ تي ڪيترن ئي دورن ۾ ڌاريا حملا ٿيا پر سنڌ جي ماڻهن هميشه پنهنجي وجود ۽ ثقافت کي بچائڻ لاءِ مقابلو ڪيو. هي جدوجهد صرف تلوار سان نه پر فڪر علم ۽ اتحاد سان به ڪئي وئي. سنڌ جي ماڻهن ۾ آزادي ۽ خودمختياري جو جذبو هميشه زنده رهيو آهي. مختلف دورن ۾ ڪيترن ئي اڳواڻن ۽ بزرگن هن جذبي کي اڳتي وڌايو جنهن ڪري سنڌ پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم رکي سگهي. سنڌ جي تاريخي جدوجهد ڪنهن هڪ وقت يا ڪنهن هڪ ميدان تائين محدود نه رهي بلڪه اها هر دور ۾ نئين صورت سان ظاهر ٿيندي رهي سنڌ جي ڌرتي ڪيترن ئي آزمائشن مان گذري آهي جتي ڌارين طاقتن پنهنجي طاقت آزمائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن ڌرتيءَ جي ماڻهن پنهنجي سڃاڻپ کي مٽجڻ نه ڏنو هنن نه رڳو تلوار سان مقابلو ڪيو پر فڪر علم ۽ شعور سان به پنهنجي وجود کي بچايو سنڌ جي ماڻهن هميشه اهو سمجهيو ته اصل طاقت صرف جنگ ۾ نه پر پنهنجي تهذيب ٻولي ۽ قدرن کي زنده رکڻ ۾ آهي ان ڪري هنن هر دور ۾ اتحاد کي پنهنجي قوت بڻايو ۽ پنهنجي روايتن سان وفادار رهيا جڏهن به حالتون سخت ٿيون تڏهن هن ڌرتيءَ مان اهڙا اڳواڻ ۽ راهبر پيدا ٿيا جن ماڻهن ۾ همت سچائي ۽ خودي جو جذبو پيدا ڪيو انهن ماڻهن کي سيکاريو ته ظلم آڏو جهڪڻ بدران حق تي قائم رهڻ ئي اصل ڪاميابي آهي سنڌ جي جدوجهد جو اهو به اهم پهلو رهيو آهي ته اها صرف ظاهر ۾ نه پر اندروني شعور جي سطح تي به جاري رهي. ماڻهن پنهنجي فڪر کي مضبوط ڪيو ۽ پنهنجي سڃاڻپ کي سمجهيو جنهن ڪري هو هر قسم جي دٻاءَ باوجود به پنهنجي رستي تان نه هٽيا هي جدوجهد ئي آهي

جنهن سنڌ کي زنده رکيو ۽ ان جي الڳ حيثيت کي برقرار رکيو اچ به سنڌ جي تاريخ اهو سبق ڏئي ٿي ته جيڪا قوم پنهنجي ماضي سان جڙيل رهي ٿي ۽ پنهنجي اصولن کي نه وساري ٿي اها هميشه قائم رهندي آهي ۽ پنهنجي سڃاڻپ کي زنده رکندي آهي. سنڌ جي تاريخ هڪ اهڙي زنده روايت آهي جيڪا صدين کان جاري جدوجهد ۽ ثابت قدمي کي ظاهر ڪري ٿي هن ڌرتي ڪيترن ئي دورن ۾ ڏکي حالتن کي منهن ڏنو پر ان جي ماڻهن پنهنجي سڃاڻپ کي برقرار رکڻ ۾ ڪڏهن به ڪمزوري نه ڏيکاري هنن هر آزمائش ۾ پنهنجي تهذيب ۽ قدرن کي سنڀالي رکيو ۽ حالتن سان مقابلو ڪيو سنڌي سماج هميشه شعور ۽ اتحاد کي پنهنجي طاقت بڻايو جنهن سبب هو پنهنجي وجود کي مٽجڻ کان بچائيندا رهيا هي تاريخ اهو ٻڌائي ٿي ته جيڪا قوم پنهنجي اصولن ۽ سڃاڻپ سان وفادار رهي ٿي اها وقت جي هر طوفان ۾ به قائم رهندي آهي.

سچ ۽ ڪوڙ جي سڃاڻپ

انساني تاريخ ۾ هميشه سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ مقابلو رهيو آهي. ڪيترائي ماڻهو سچ جي نالي تي ڪوڙ کي پيش ڪن ٿا، جڏهن ته سچو فڪر هميشه آزمائش مان گذري ٿو. هڪ سڄاڳ سماج لاءِ ضروري آهي ته هو هر ڳالهه کي سمجهي پرکي ۽ پوءِ قبول ڪري. سچ جي سڃاڻپ لاءِ علم شعور ۽ ايمانداري (سچائي) ضروري آهن. جيڪو ماڻهو بنا سوچ ويچار جي هر ڳالهه قبول ڪري ٿو اهو آساني سان گمراهه ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري سوال ڪرڻ ۽ تحقيق ڪرڻ هر دور ۾ اهم رهيو آهي. سچ ۽ ڪوڙ جي سڃاڻپ مخدوم بلال جي تعليمات جو مرڪز سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ واضح فرق پيدا ڪرڻ هو. سندن نظر ۾ سڀ کان وڏي گمراهي اها هئي، جڏهن ڪوڙ کي سچ جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ ماڻهو ان کي بنا سوچڻ سمجهڻ جي قبول ڪن. هو ماڻهن کي اهو شعور ڏيندا هئا ته هر ڳالهه کي پرکڻ، سمجهڻ ۽ سچ تائين پهچڻ انسان جي ذميواري آهي. مخدوم بلال ان دور ۾ اٿي بيٺا جڏهن فڪري ۽ مذهبي انتشار پنهنجي عروج تي هو ۽ ڪجهه اهڙا فتنا به جنم وٺي چڪا هئا، جيڪي سچ کي لڪائي ڪوڙ کي دين ۽ حق جي نالي سان پيش ڪري رهيا هئا. اهڙين حالتن ۾ خاموش رهڻ يا مصلحت اختيار ڪرڻ سندن مزاج جو حصو نه هو. هنن کلي لفظن ۾ اهڙن گمراهه ڪندڙ خيالن جي مخالفت ڪئي جيڪي ماڻهن کي اصل راهه کان هٽائي رهيا هئا. سندن موقف واضح بيباڪ ۽ بي لچڪ هو سچ سچ آهي ۽ ڪوڙ ڪوڙ آهي ان ۾ ڪا ملاوٽ يا سمجهوتو قبول نه هو. هنن اهو به واضح ڪيو ته ڪوڙ کي مذهبي لبادو پارائي پيش ڪرڻ سڀ کان وڏو فريب آهي جيڪو سادن ماڻهن کي آساني سان پنهنجي چار ۾ ڦاسائي ٿو. ان ڪري هو ماڻهن کي خبردار ڪندا هئا ته هو هر دعويٰ کي عقل، علم ۽ حقيقت جي

ڪسوٽي تي پرکين. مخدوم بلال پنهنجي عمل سان به اهو ثابت ڪيو ته سچ تي قائم رهڻ آسان نه هوندو آهي پر اهو ئي اصل راهه آهي. هنن هر قسم جي دٻاءُ، ڌمڪين ۽ سازشن جي باوجود ڪوڙ آڏو جهڪڻ کان انڪار ڪيو. سندن لاءِ سچ صرف هڪ خيال نه پر هڪ اصول هو جنهن لاءِ هر قرباني قبول هئي. انهن جي جدوجهد مان اهو سبق ملي ٿو ته جڏهن سماج ۾ ڪوڙ کي طاقت ملي وڃي ۽ سچ کي دٻايو وڃي تڏهن سچ جي ساٿ ڏيڻ ئي اصل ايمان ۽ بهادري آهي. مخدوم بلال پنهنجي دور ۾ اهو ئي ڪردار ادا ڪيو هنن نه رڳو سچ جي سڃاڻپ ڪرائي پر ماڻهن کي اهو به سيکاريو ته سچ لاءِ بيهڻ ڪيئن آهي پلي ان جي قيمت ڪيتري به وڏي ڇو نه هجي. مختصر طور مخدوم بلال جي تعليمات اسان کي اهو سيکارين ٿيون ته سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ فرق ڪرڻ رڳو علم جو ڪم نه پر ضمير همت ۽ اصولن جو به امتحان آهي ۽ جيڪو هن امتحان ۾ ڪامياب ٿئي ٿو اهو ئي حقيقت ۾ سڌي راهه تي قائم رهي ٿو.

سنڌي سماج ۾ اخلاقي قدر

سنڌي سماج پنهنجي هنر مهمان نوازي سادگي ۽ اخلاق ۾ مشهور رهيو آهي. هتي ماڻهن ۾ محبت برداشت ۽ هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ جو رواج رهيو آهي. اهي ئي قدر آهن جيڪي سماج کي مضبوط بڻائين ٿا. پر وقت سان گڏ جڏهن اهي قدر ڪمزور ٿين ٿا ته سماج ۾ بي چيني ۽ انتشار پيدا ٿئي ٿو. تنهن ڪري ضروري آهي ته اخلاقي قدرن کي ٻيهر زنده رکيو وڃي ۽ نئين نسل تائين منتقل ڪيو وڃي. سنڌي سماج پنهنجي قديم روايتن سادگي مهمان نوازي ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جي ڪري سڃاتو وڃي ٿو جن جي تعمير ۾ صوفي بزرگن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. انهن ئي شخصيتن مان مخدوم بلال جو نالو نمايان نظر اچي ٿو جن پنهنجي تعليمات ۽ عملي زندگيءَ ذريعي سماج ۾ سچائي انصاف ۽ اصول پسنديءَ کي مضبوط بڻايو. مخدوم بلال جي نظر ۾ سماج جي بهتري جو بنياد اخلاقي قدرن تي ٻڌل هيو. هو ماڻهن کي سيکاريندا هئا ته عزت سچائي ۽ وفاداري کان سواءِ ڪو به سماج مضبوط نه ٿو ٿي سگهي. سندن تعليمات ۾ انسانيت رواداري ۽ حق جي پاسداري کي خاص اهميت حاصل هئي. هو پنهنجي شاگردن ۽ ساٿين کي تلقين ڪندا هئا ته هو نه رڳو پنهنجي ذات کي سڌارين پر سماج ۾ به سچ ۽ انصاف جو پيغام عام ڪن. سنڌي سماج ۾ جيڪو پائيچارو همدردي ۽ گڏيل زندگيءَ جو احساس نظر اچي ٿو اهو به اهڙين ئي تعليمات جو نتيجو آهي. مخدوم بلال پنهنجي ڪردار سان اهو ثابت ڪيو ته اخلاقي قدر رڳو ڳالهين تائين محدود نه هئڻ گهرجن پر انهن کي عملي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ ضروري آهي. هو هر حال ۾ سچ تي قائم رهڻ ظلم جي مخالفت ڪرڻ ۽ حق لاءِ بيهڻ کي اعليٰ اخلاق جو حصو سمجهندا هئا. سندن اثر اهڙي ريت هيو جو سندن چوڌاري موجود ماڻهو به انهن قدرن کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائڻ لڳا. اهڙي

طرح هڪ فرد جي سڌاري مان پورو سماج متاثر ٿيو. مخدوم بلال جي تعليمات سنڌي سماج کي اهو سبق ڏنو ته اخلاقي قدرن کان سواءِ ترقي ممڪن ناهي ۽ جيڪو سماج پنهنجي اصولن کي وساري ويهي اهو پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهي ٿو. مختصر طور مخدوم بلال سنڌي سماج جي اخلاقي تعمير ۾ هڪ اهم ستون جي حيثيت رکن ٿا جن جو پيغام اڄ به سماج کي سڌاري سچائي ۽ اصولن ڏانهن وني وڃڻ لاءِ راهه ڏيکاري ٿو. سنڌي سماج پنهنجي قديم روايتن ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جي ڪري هميشه هڪ الڳ سڃاڻپ رکندو آيو آهي جتي انسانيت سچائي ۽ پائيچارو بنيادي حيثيت رکن ٿا هن سماج ۾ نه رڳو گڏجي رهڻ جو احساس ملي ٿو پر هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ جي روايت به زنده نظر اچي ٿي اخلاقي قدرن جي مضبوط بنيادن سبب سنڌي ماڻهو هميشه برداشت صبر ۽ احترام کي پنهنجي زندگي جو حصو بڻائيندا رهيا آهن هن سماج ۾ وڏن جو ادب ننڍن سان پيار ۽ مهمان نوازي جهڙيون خوبيون رڳو رسمون نه پر عملي زندگي جو حصو آهن جڏهن به حالتن ۾ تبديليون آيون يا ڏکيو وقت آيو تڏهن انهن ئي قدرن ماڻهن کي هڪ ٻئي سان جوڙي رکيو ۽ سماج کي ٽٽڻ کان بچايو اخلاقي سڌاري کي هميشه اهميت ڏني وئي جنهن ڪري فرد جي ڪردار کي بنيادي حيثيت حاصل رهي هڪ اهڙو سماج جتي اخلاق کي اهميت ڏني وڃي اتي انصاف سچائي ۽ ايمانداري پاڻمرادو مضبوط ٿين ٿا ۽ ماڻهو هڪ ٻئي تي ڀروسو ڪرڻ لڳن ٿا سنڌي سماج جو اهو به خاص پهلو رهيو آهي ته هتي اختلاف باوجود به رواداري قائم رهي ٿي ۽ مختلف خيالن کي برداشت ڪرڻ جي روايت موجود رهي ٿي اهڙي فضا ۾ نه رڳو امن پيدا ٿئي ٿو پر فڪر ۽ شعور کي به واڌارو ملي ٿو آخرڪار اهي ئي اخلاقي قدر آهن جيڪي ڪنهن به سماج کي زنده رکن ٿا ۽ ان جي سڃاڻپ کي مضبوط بڻائين ٿا. سنڌي سماج پنهنجي سادگي ۽ فطري توازن جي ڪري هڪ اهڙي سڃاڻپ رکي ٿو

جيڪا صدين کان قائم آهي هن سماج ۾ انسان جي اهميت کي هر شيءَ کان مٿانهون سمجهيو ويو آهي جتي ذات پات يا فرق کان وڌيڪ انسانيت کي قدر ڏنو ويو آهي ماڻهن جي وچ ۾ اعتماد ۽ پروسي جو جيڪو رشتو قائم رهيو آهي اهو ئي هن سماج جي اصل طاقت بڻيو آهي گڏجي رهڻ گڏجي سوچڻ ۽ گڏجي اڳتي وڌڻ جو جيڪو تصور آهي اهو سنڌي سماج جي بنيادن ۾ شامل آهي هن سماج ۾ هميشه علم سان گڏ اخلاق کي به اهميت ڏني وئي آهي جنهن ڪري ماڻهو نه رڳو سمجهدار پر ذميوار به بڻجندا رهيا آهن وقت جي تبديلي سان گڏ ڪيترائي چئلينج سامهون آيا پر انهن حالتن ۾ به سنڌي سماج پنهنجي روايتن کي مڪمل طور ڇڏڻ بدران انهن کي نئين حالتن سان هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اهڙي ريت هن سماج ۾ هڪ توازن قائم رهيو جتي پراڻيون قدرون به زنده رهيون ۽ نوان لاڙا به پيدا ٿيا هن سماج جو هڪ اهم پهلو اهو به رهيو آهي ته هتي امن ۽ پائيچاري کي هميشه ترجيح ڏني وئي آهي جنهن سبب اختلاف هوندي به ٽڪراءُ گهٽ نظر اچي ٿو آخرڪار سنڌي سماج جو اهو ئي خاص ڪمال آهي ته اهو وقت جي آزمائشن مان گذرندي به پنهنجي اصل روح کي برقرار رکي ٿو ۽ پنهنجي سڃاڻپ کي زنده رکڻ ۾ ڪامياب رهي ٿو.

علم جي اهميت

علم هر دور ۾ انسان جي ترقي جو بنياد رهيو آهي. جنهن سماج ۾ علم کي اهميت ڏني وجي ٿي اهو سماج ترقي ڪري ٿو جڏهن ته علم کان پري رهندڙ قومون پوئتي رهجي وڃن ٿيون. علم رڳو ڪتابن تائين محدود نه پر زندگيءَ کي سمجهڻ جو ذريعو آهي. اهو انسان کي سچ ۽ ڪوڙ صحيح ۽ غلط جي وچ ۾ فرق ڪرڻ سيکاري ٿو. تنهن ڪري علم حاصل ڪرڻ هر انسان لاءِ ضروري آهي. مخدوم بلال جي نظر ۾ علم انسان جي زندگيءَ جو سڀ کان اهم بنياد هو جيڪو نه رڳو فرد کي سڌاري ٿو پر پوري سماج جي اصلاح جو سبب بڻجي ٿو. هو علم کي رڳو ڪتابن تائين محدود نه سمجهندا هئا پر ان کي هڪ اهڙي روشني قرار ڏيندا هئا جيڪا انسان کي سچ ۽ ڪوڙ جي سڃاڻپ ڪرائي ٿي. سندن خيال هو ته بي علمي انسان کي آساني سان گمراهيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿي جڏهن ته علم انسان کي صحيح رستي تي قائم رکڻ جي طاقت ڏئي ٿو. مخدوم بلال پنهنجي درسگاهه ۾ شاگردن کي رڳو ظاهري علم نه پر فڪر سچائي ۽ سڌي راهه تي هلڻ جي تربيت ڏيندا هئا. هو چوندا هئا ته علم تڏهن فائديمند آهي جڏهن اهو انسان جي عمل ۾ ظاهر ٿئي ۽ سندس ڪردار کي بهتر بڻائي. ان ڪري هو پنهنجي شاگردن کي هميشه عمل اخلاق ۽ سچائيءَ سان جڙيل رهڻ جي تلقين ڪندا هئا. سندن تعليمات جو مرڪز اهو هو ته علم انسان کي آزادي ڏئي ٿو سوچڻ جي آزادي سمجهڻ جي طاقت ۽ حق لاءِ بيهڻ جي همت. اهو ئي سبب هو جو سندن شاگرد صرف پڙهيل لکيل نه پر باهمت سچ جا ساٿي ۽ اصولن تي قائم رهندڙ بڻجي نڪرندا هئا. مختصر طور مخدوم بلال لاءِ علم هڪ اهڙو هٿيار هو جنهن سان انسان نه رڳو پاڻ کي سڌاري سگهي ٿو پر ظلم ڪوڙ ۽ گمراهيءَ جي خلاف به بيهي سگهي ٿو. سندن نظر ۾ علم ئي اهو ذريعو هو جيڪو

انسان کي عزت سچاڻپ ۽ حقيقي ڪاميابي ڏئي ٿو. علم انسان جي زندگيءَ ۾ اهڙي بنيادي حيثيت رکي ٿو جيڪا کيس اونداهي مان روشني ڏانهن وٺي وڃي ٿي. علم ئي اهو وسيلو آهي جنهن سان انسان پنهنجي وجود کي سڃاڻي ٿو ۽ پنهنجي چوڌاري دنيا کي سمجهي ٿو. جڏهن انسان علم حاصل ڪري ٿو تڏهن سندس سوچ ۾ وسعت پيدا ٿئي ٿي ۽ هو محدود خيالن مان نڪري حقيقت کي ڏسڻ جي قابل ٿئي ٿو. علم کان سواءِ انسان رڳو روايتن جو پيروڪار بڻجي رهجي وڃي ٿو پر علم کيس سوال ڪرڻ سمجهڻ ۽ سچ تائين پهچڻ جي طاقت ڏئي ٿو. هڪ اهڙو سماج جتي علم کي اهميت ڏني وڃي ٿي اهو هميشه ترقي جي راهه تي گامزن رهي ٿو ڇو ته علم ئي نوان رستا کوليندو آهي ۽ انسان کي اڳتي وڌڻ جو حوصلو ڏيندو آهي. علم نه رڳو فرد جي شخصيت کي سنواري ٿو پر سڄي سماج جي فڪر کي به تبديل ڪري ڇڏي ٿو. جڏهن ماڻهو علم سان روشناس ٿين ٿا تڏهن انهن ۾ شعور پيدا ٿئي ٿو جيڪو کين صحيح ۽ غلط جي وچ ۾ فرق ڪرڻ سيکاري ٿو. اهڙي شعور سان ئي انصاف قائم ٿئي ٿو ۽ سماج ۾ سچائي کي قوت ملي ٿي. علم انسان کي عزت ڏئي ٿو ۽ کيس پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي سگهه ڏئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هر دور ۾ علم کي سڀ کان وڏي دولت سمجهيو ويو آهي ڇو ته اها دولت نه صرف انسان سان گڏ رهندي آهي پر ٻين تائين به منتقل ٿيندي رهندي آهي ۽ ان جو اثر وقت سان گڏ وڌندو ئي رهندو آهي.

فڪر جي آزادي

فڪر جي آزادي ڪنهن به سماج جي ترقي لاءِ لازمي آهي. جڏهن ماڻهن کي سوچڻ سوال ڪرڻ ۽ اظهار ڪرڻ جي آزادي ملي ٿي تڏهن نوان خيال پيدا ٿين ٿا ۽ سماج اڳتي وڌي ٿو. پر جڏهن فڪر تي پابنديون لڳن ٿيون تڏهن جمود پيدا ٿئي ٿو. تنهن ڪري هڪ صحتمند سماج لاءِ ضروري آهي ته هو اختلاف راءِ کي برداشت ڪري ۽ مختلف خيالن کي جاءِ ڏئي. فڪر جي آزادي ڪنهن به سماج جي ذهني اوسر ۽ شعوري پختگي جو بنيادي عنصر آهي. جڏهن انسان کي پنهنجي سوچ کي سمجهڻ ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ جو موقعو ملي ٿو تڏهن هو روايتي حدن کان ٻاهر نڪري نوان رخ اختيار ڪري ٿو. اهڙي ماحول ۾ علم جامد نه رهي ٿو پر مسلسل واڌارو وٺي ٿو ۽ نوان فڪري لاڙا جنم وٺن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن سماج ۾ سوچ کي محدود ڪيو وڃي ۽ ماڻهن کي هڪ مقرر دائري ۾ قيد رکيو وڃي ته پوءِ تخليق ختم ٿي وڃي ٿي ۽ ماڻهو صرف پيروي ڪندڙ بڻجي وڃن ٿا. اهڙي حالت ۾ نه رڳو فرد جي صلاحيت متاثر ٿئي ٿي پر سڄو سماج پوئتي رهجي وڃي ٿو. صحتمند سماج اهو هوندو آهي جتي سوال ڪرڻ کي بغاوت نه سمجهيو وڃي پر شعور جي نشاني طور قبول ڪيو وڃي. جتي مختلف خيال ٽڪرائڻ بدران هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو سبب بڻجن. فڪر جي آزادي جو مطلب بي راهه ٿيڻ نه پر سچ جي تلاش ۾ اڳتي وڌڻ آهي. جڏهن ماڻهو پنهنجي عقل ۽ شعور کي استعمال ڪن ٿا تڏهن هو صحيح ۽ غلط جي سڃاڻپ ڪرڻ جي قابل ٿين ٿا. اهڙي طرح سماج ۾ برداشت پيدا ٿئي ٿي ۽ اختلاف راءِ تڪرار بدران واڌاري جو ذريعو بڻجي ٿو. آخرڪار اهو ئي عمل ڪنهن به قوم کي زنده فڪر ۽ مضبوط سڃاڻپ ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

انصاف جي علامت

مخدوم بلال پنهنجي زماني ۾ انصاف جي علامت طور سڃاتا ويندا هئا. جڏهن به ڪو تڪرار يا مسئلو سندن سامهون ايندو هو ته هو بنا ڪنهن ٻڇ يا لالچ لوڀ جي سچو فيصلو ڪندا هئا. سندن فيصلا ماڻهن لاءِ اعتماد جو سبب بڻيا جنهن ڪري عام ماڻهو کين پنهنجو سهارو سمجهندا هئا. مخدوم بلال جو ڪردار پنهنجي دور ۾ انصاف جي اهڙي زنده مثال طور سامهون آيو جتي حق کي ڪنهن به حالت ۾ نظرانداز نه ڪيو ويندو هو. هنن پنهنجي فيصلي ۾ نه رشتن کي اهميت ڏني نه ئي ڪنهن طاقت يا اثر کي قبول ڪيو بلڪه سندن اڳيان صرف سچ ۽ اصول هوندا هئا. جڏهن سماج ۾ بي انصافي وڌي رهي هئي ۽ ڪمزور طبقا پنهنجو آواز وڃائي ويٺا هئا تڏهن مخدوم بلال ماڻهن لاءِ اميد جو مرڪز بڻجي اڀريا. سندن در تي ايندڙ هر ماڻهو کي اهو يقين هوندو هو ته هتي ڪيس انصاف ضرور ملندو. سندن طرز عمل مان اهو ظاهر ٿيندو هو ته انصاف رڳو لفظن تائين محدود نه پر عملي صورت ۾ به قائم ٿيڻ گهرجي. هنن اهڙو ماحول پيدا ڪيو جتي فيصلا ذاتي مفادن بدران اصولن جي بنياد تي ڪيا ويندا هئا. ان سبب ماڻهن جي دلين ۾ اعتماد پيدا ٿيو ۽ سماج ۾ سچائي کي قوت ملي. مخدوم بلال جي هن روش اهو ثابت ڪيو ته جڏهن انصاف مضبوط بنيادن تي بيٺو هجي ته اهو نه رڳو فرد کي پر سڄي سماج کي سنواري سگهي ٿو ۽ بي انصافي جي اونداهي کي ختم ڪري سگهي ٿو.

بردباري ۽ صبر

مخدوم بلال جي شخصيت ۾ بردباري ۽ صبر نمايان هئا. هو مخالفت باوجود به جلدبازي نه ڪندا هئا پر هر معاملي ڪي سمجهي پوءِ قدم کڻندا هئا. سندن اهو انداز ماڻهن کي سيکاريندو هو ته وڏن مسئلن جو حل هميشه حڪمت ۽ صبر سان نڪرندو آهي. مخدوم بلال جي زندگي ۾ تحمل ۽ برداشت هڪ اهڙي خوبي طور ظاهر ٿئي ٿي جيڪا هر حال ۾ ثابت قدم رهڻ جو سبق ڏئي ٿي. هنن حالتن جي سختي يا مخالفت جي شدت کي ڪڏهن به پنهنجي مزاج تي حاوي ٿيڻ نه ڏنو پر هر معاملي کي گهري نظر سان ڏسي پوءِ فيصلو ڪيو. سندن انداز ۾ جلدبازي يا بي صبري جي ڪا جاءِ نه هئي بلڪه هو هر قدم سوچي سمجهي کڻندا هئا جنهن ڪري سندن عمل ۾ وزن ۽ وقار نظر ايندو هو. جڏهن ٻين وٽ بيچيني ۽ اضطراب وڌي ويندو هو تڏهن مخدوم بلال جي شخصيت استحڪام جو مرڪز بڻجي سامهون ايندي هئي. هنن اهو عملي طور ڏيکاريو ته وڏيون ڪاميابيون تڪڙ سان نه پر مسلسل صبر ۽ دانائي سان حاصل ٿينديون آهن. سندن هي روش ماڻهن ۾ همت پيدا ڪندي هئي ۽ کين سيکاريندي هئي ته ڏکين حالتن ۾ به پنهنجو توازن برقرار رکڻ ئي اصل طاقت آهي. اهڙي طرح سندن ڪردار سماج لاءِ هڪ اهڙو مثال بڻيو جنهن ۾ بردباري ۽ صبر کي رڳو نصيحت نه پر زندگي جو اصول بڻائي پيش ڪيو ويو.

شاگردن جي تربيت

هو پنهنجي شاگردن جي تربيت تي خاص ڌيان ڏيندا هئا. صرف علم ڏيڻ تائين محدود نه رهيا پر انهن جي ڪردار سازي به ڪندا هئا. سندن خواهش هوندي هئي ته شاگرد نه رڳو پڙهيل هجن پر سچا ايماندار ۽ ذميوار انسان به بڻجن. مخدوم بلال پنهنجي شاگردن جي تربيت کي هڪ ذميواري سمجهندا هئا جيڪا رڳو علم سيکارڻ تائين محدود نه هئي پر انسان کي سٺو ۽ بااصول بڻائڻ سان جڙيل هئي. هنن پنهنجي درسگاهه ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪيو جتي شاگردن کي سوچڻ سمجهڻ ۽ سچ تي قائم رهڻ جي عادت وڌي ويندي هئي. سندن نظر ۾ اصل ڪاميابي صرف ڪتابي علم حاصل ڪرڻ نه پر ان علم کي عمل ۾ آڻڻ هئي. هو شاگردن کي ايمانداري سچائي ۽ وفاداري جهڙن قدرن سان آشنا ڪندا هئا جيئن اهي پنهنجي زندگي ۾ صحيح رستو اختيار ڪن. سندن تربيت جو انداز اهڙو هو جو شاگردن ۾ خود اعتمادي ۽ ذميواري جو احساس پيدا ٿيندو هو. هو انهن کي اهو به سيکاريندا هئا ته علم سان گڏ اخلاق جو هجڻ ضروري آهي ڇو ته بغير ڪردار جي علم بي اثر ٿي وڃي ٿو. مخدوم بلال جي هن طريقي سبب سندن شاگرد نه رڳو ڄاڻ حاصل ڪندڙ رهيا پر سماج لاءِ مفيد ۽ باوقار انسان بڻجي اڀريا ۽ پنهنجي عمل سان ٻين لاءِ مثال بڻيا.

دنياوي لالچ

مخدوم بلال دنياوي لالچ کان پري رهندڙ انسان هئا. ڪين دولت طاقت يا شهرت جي ڪا پرواهه نه هئي. سندن نظر ۾ اصل دولت سچ علم ۽ نيڪ نيت هئي جيڪا انسان کي هميشه بلند مقام ڏئي ٿي. مخدوم بلال جي تعليم ۽ تربيت جو بنياد انسان جي اندروني سڌاري تي رکيل هو جتي علم کي صرف چاڻ تائين محدود نه رکيو ويندو هو پر ان کي ڪردار ۽ عمل سان ڳنڍيو ويندو هو. هو پنهنجي شاگردن ۾ اهڙي شعور کي بيدار ڪندا هئا جيڪو کين حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ جي صلاحيت ڏئي. سندن درسگاهه ۾ صرف سبق ياد ڪرائڻ بدران فڪر جي پختگي تي زور ڏنو ويندو هو جيئن شاگرد هر حالت ۾ سچ جو ساٿ ڏئي سگهن. هو انهن کي سيکاريندا هئا ته علم جو اصل مقصد انسان کي بهتر بڻائڻ آهي ۽ جيڪڏهن علم انسان جي اخلاق کي سنوارڻ ۾ ڪامياب نه ٿئي ته اهو اڻپورو آهي. سندن صحبت ۾ رهندڙ شاگردن ۾ عاجزي سنجيدگي ۽ ذميواري جا احساس پيدا ٿيندا هئا جيڪي سندن سڄي زندگي تي اثرانداز رهندا هئا. مخدوم بلال جي تربيت جو نتيجو اهو نڪتو جو سندن شاگرد رڳو تعليم يافته نه رهيا پر سماج ۾ سچائي ۽ اصولن جا علمبردار بڻجي سامهون آيا ۽ پنهنجي ڪردار سان هڪ سڌريل معاشري جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائون.

مخدوم بلال جي زندگيء جو هڪ اهم پهلو

مخدوم بلال جي زندگيءَ جو هڪ اهم پهلو اهو هو ته هو علم ۽ عمل جي وچ ۾ ڪڏهن به فرق پيدا ٿيڻ نه ڏيندا هئا. سندن نظر ۾ صرف ڳالهائڻ يا درس ڏيڻ ڪافي نه هو بلڪه اهو ضروري هو ته جيڪو ڪجهه سيکاريو وڃي ان تي پاڻ پهريان عمل ڪري ڏيکاريو وڃي. هو پنهنجي شاگردن کي به اهو ئي سبق ڏيندا هئا ته علم جي اصل قيمت تڏهن ظاهر ٿيندي آهي جڏهن اهو انسان جي ڪردار عمل ۽ روزمره زندگيءَ ۾ نظر اچي. هو رڳو لفظن تائين پاڻ کي محدود نه رکندا هئا پر پنهنجي هر ڳالهه کي عملي صورت ۾ پيش ڪندا هئا. سندن زندگي هڪ ڪليل مثال هئي جتي سچائي ديانتداري ۽ اصول پسندي هر حال ۾ نظر ايندي هئي. اهو ئي سبب هو جو سندن چوڏاري گڏ ٿيندڙ ماڻهو صرف ٻڌندڙ نه هئا پر عملي طور تي به تبديل ٿيندا هئا. مخدوم بلال جو يقين هو ته علم جو مقصد صرف ڄاڻ حاصل ڪرڻ نه پر انسان جي اندر سڌارو آڻڻ ڪيس سچ جي راهه تي هلائڻ ۽ سماج کي بهتر بڻائڻ آهي. تنهن ڪري هو پنهنجي تعليم ۾ صرف ظاهري علم تي زور نه ڏيندا هئا پر انسان جي اندروني اصلاح اخلاقي تربيت ۽ مضبوط ڪردار تي خاص ڌيان ڏيندا هئا. سندن اثر هيئن هيو جو سندن شاگردن جي زندگيءَ ۾ به اها تبديلي واضح نظر ايندي هئي. اهي نه رڳو علم حاصل ڪندا هئا پر ان کي پنهنجي عمل سوچ ۽ روين ۾ به ظاهر ڪندا هئا جنهن سان سماج ۾ به سڌارو ايندو هو. اهڙي طرح مخدوم بلال جي تعليم هڪ زنده مثال بڻجي وئي جيڪا رڳو لفظن ۾ نه پر عمل ۾ به جاري رهي.

آخري ڳالھ

آخر ۾ اھو چئي سگھجي ٿو تہ مخدوم بلال جي زندگي رڳو ھڪ دور تائين محدود نہ آھي پر اھا ھر زماني لاءِ ھڪ واضح پيغام رکي ٿي. ھن پنھنجي عمل سان اھو ثابت ڪيو تہ سچ جي راھہ ھميشہ آسان نہ ھوندي پر اھا ئي راھہ انسان کي عزت ۽ سڃاڻپ ڏئي ٿي. ھن جو ڪردار ٻڌائي ٿو تہ علم بنا جرئت جي اڌورو آھي ۽ جرئت بنا اصولن جي بيڪار. جيڪو انسان پنھنجي اصولن تي قائم رھي ٿو اھو وقتي طور دٻجي سگھي ٿو پر تاريخ ۾ ھميشہ زندہ رھي ٿو. مخدوم بلال بہ اھڙن ئي ماڻھن مان ھو جنھن پنھنجي زندگيءَ سان ھڪ معيار قائم ڪيو، جنھن کي وسارڻ ممڪن ناھي. اڄ جي دور ۾ بہ جڏھن سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آھي، تڏھن اھڙين شخصيتن کي ياد ڪرڻ ۽ انھن مان سکڻ وڌيڪ ضروري ٿي پيو آھي. چاڪاڻ تہ قومون انھن ماڻھن جي فڪر سان زندہ رھنديون آھن جيڪي حق لاءِ بيھن ٿا ۽ ڪنھن بہ دٻاءَ آڏو جھڪندا ناھن. آخرڪار اھو واضح ٿئي ٿو تہ مخدوم بلال جي زندگي ۽ جدوجھد ھڪ اھڙو سبق آھي جيڪو ڪنھن ھڪ وقت تائين محدود نہ رھي ٿو پر ھر دور ۾ پنھنجي اھميت برقرار رکي ٿو ھنن پنھنجي ڪردار ۽ عمل سان اھو ڏيکاريو تہ اصولن تي قائم رھڻ ئي انسان جي اصل سڃاڻپ آھي جيتوڻيڪ حالتون ڪيترين بہ ڏکيو چو نہ ٿين ھنن ڪڏھن بہ سچ کان منھن نہ موڙيو ۽ نہ ئي ڪنھن دٻاءَ کي قبول ڪيو سندن زندگي ان ڳالھہ جي شاھدي ڏئي ٿي تہ جيڪو انسان حق تي بيھي ٿو اھو ظاھري طور تي ڪمزور نظر اچي سگھي ٿو پر حقيقت ۾ اھو ئي مضبوط ھوندو آھي ھنن علم کي شعور سان ۽ شعور کي جرئت سان جوڙي ھڪ اھڙو مثال پيش ڪيو جيڪو سماج لاءِ راھہ ڏيکاريندڙ بڻجي ويو اڄ جڏھن ڪيترن ئي حالتن ۾ سچ کي لڪائڻ ۽ ڪوڙ کي اڳتي آڻڻ جي

ڪوشش ڪئي وڃي ٿي تڏهن مخدوم بلال جهڙين شخصيتن جو فڪر وڏيڪ اهم بڻجي وڃي ٿو انهن مان اهو سبق ملي ٿو ته عزت ۽ بقا صرف انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي پنهنجي اصولن کي نه ڇڏيندا آهن ۽ هر حال ۾ سچ جو ساٿ ڏيندا آهن اهڙي طرح مخدوم بلال جو نالو صرف تاريخ جو حصو نه پر هڪ زنده فڪر جي صورت ۾ موجود رهي ٿو جيڪو هر ان ماڻهو کي همت ڏئي ٿو جيڪو حق ۽ سچ لاءِ بيهڻ چاهي ٿو.

Copyright



شهيد مخدوم بلال سمون

سنڌ جي اصل تاريخ ۽ حقيقت



جام ارمان پليجو تاجاڻي

📧 Email

Saleemsamoo786@gmail.com

Mobile: 03007070376 📱

پهريون ڇاپو 2026

Licence

Back Cover Word

هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ فڪر ۽ سچ جي جدوجهد جو هڪ اهم عڪس آهي. ان ۾ هڪ اهڙي دور جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي جتي حق ۽ باطل وچ ۾ واضح ٽڪراءُ موجود هو. هي لکڻي پڙهندڙ کي سوچڻ سمجهڻ ۽ حقيقتن کي پرکڻ تي مجبور ڪري ٿي. اهي ڪتاب انهن لاءِ آهي جيڪي تاريخ کي رڳو پڙهڻ نه پر ان مان سبق حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. هي ڪتاب مخدوم بلال جي فڪر، ڪردار ۽ جدوجهد جو هڪ جاندار عڪس پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ سندن علمي روحاني ۽ سماجي خدمتن کي سادي پر اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب وسيلي پڙهندڙ کي نه رڳو تاريخي ڄاڻ ملي ٿي پر هڪ اهڙي شخصيت سان واقفيت به ٿئي ٿي جنهن پنهنجي دور ۾ سچ انصاف ۽ حق جي راهه کي روشن رکيو. مخدوم بلال جي تعليمات انسان کي سچائي بردباري ۽ اعليٰ اخلاق ڏانهن سڏين ٿيون، جڏهن ته سندن زندگي جدوجهد ثابت قدمي ۽ اصولن تي قائم رهڻ جو بهترين مثال آهي. هي ڪتاب انهن سڀني لاءِ هڪ قيمتي تحفو آهي جيڪي پنهنجي تاريخ فڪر ۽ روحاني ورثي کي سمجهڻ چاهين ٿا. هي ڪتاب رڳو هڪ بيان نه پر هڪ پيغام آهي جيڪو پڙهندڙ جي دل ۽ ذهن تي گهرو اثر ڇڏي ٿو ۽ ڪيس سچ ۽ حق جي راهه تي هلڻ لاءِ همٿ ڏياري ٿو.